

محمد امين خان کوسو

از: غلام رباني آگرو

جهڙا گل گلاب جا
غلام رباني آگرو

محمد امين خان کوسو

قدرت جون انسان تي جيڪي عنايتون آهن، تن ۾ هڪ هيءَ به آهي ته انسان کي حافظي ۽ ويسر ٻنهي نعمتن سان نوازيو ويو آهي. جيڪڏهن ماڻهوءَ کي حافظو نه هجي ته سندس جيئڻ جنجال ٿي پوي. ساڳيءَ ريت جيڪڏهن ڪيس ويسر جي نعمت نصيب نه هجي، تڏهن به سندس زندگي زهر سان ڀرجي وڃي، ڇو ته انسان پنهنجا ڏک ڏاڪڙا ۽ غم وساري ئي نه سگهي. سڄو وقت ڪيس سور ستائيندا رهن. ڪنهن شاعر چيو آهي:

ياد ماضي عذاب هه يا رب

چهين له مجهه سي ميرا حافظه

محمد امين خان جڏهن هي جهان ڇڏيو ته مان کي ڏينهن ڏکرن ۾ هئس. سندس ڳالهيون وري وري ياد ٿي آيون ۽ اکين جا نيسارا بند ئي نه ٿئي ٿيا.

ساڻس ملاقات به عجب انداز سان ٿي. سنڌي ادبي بورڊ جي ڪم سان لاهور ويو هوس ۽ ”لاهور هوٽل“ ۾ ٽڪيو هوس. نما شام جي مهل هئي. مان به شهر مان ڪم لاهي موٽيس، ته هوٽل جي دروازي تي هڪ شخص کي بيٺل ڏٺم. ڪيس ڊگهي پناڙڪي سلوار، قميص، صدري ۽ پناڙڪو چپل پاتل هو. بدن ۾ سنهو، قد ۾ ڊگهو، سانيڪو ورهين جو ٿي

لڳو. سفيد اڇي ڏاڙهي دن تي پئي پيس. ڪنهن ٻئي ماڻهوءَ سان سنڌيءَ ۾ ڳالهائي رهيو هو.

مون اڳتي وڌي ڪيس هٿ ڏنو ۽ چيو ته ”توهان محمد امين خان کوسا ته نه آهيو؟“

”آهيان. پر تون ڪير آن؟“

”مان رباني آهيان.“

”تو مون کي ڪيئن سڃاتو؟“

”مون پير حسام الدين راشديءَ ۽ شاهه صاحب جي-ايم-سيد کان اوهان جون الاهي ڳالهيون ٻڌيون آهن. سنڌ اسيمبليءَ ۾ گذدر جي نيڪ ٽاءِ ۾ اوهان هٿ وڌو هو نه؟“

هو ٽهڪ ڏيئي کلڻ لڳو.

”پر پاڻ اڳ ۾ مليا ته ڪونه آهيون؟“

”نه“ مون جواب ڏنو.

”تو منهنجي تصوير به ڪانه ڏٺي آهي؟“

”نه“

”پوءِ ته تو سڃاڻڻ سان ڪمال ڪري ڇڏيو.“

”ڪابه ڪمال جي ڳالهه ڪانهي. مون ٻڌو آهي ته مولانا عبيدالله سنڌي هڪ دفعي ريل ۾ لاهور اچي رهيو هو. مولانا مودوديءَ سوچيو ته لاهور ۾ اسٽيشن تي الاهي خلق ڪيس ملڻ ايندي. سو، هڪ اسٽيشن اڳ ۾ وڃي ريل جو انتظار ڪرڻ لڳو. ريل آئي ته پاڻ گارڊ کان مولانا سنڌيءَ جي گاڏي جو پڇي، اندر گهڙيو ته مولانا سنڌيءَ چيس: ”اسلام عليڪم مودودي صاحب“ اهو ٻڌي وائڙو ٿي ويو. ”وعليڪم سلام“ چئي مولانا سنڌيءَ سان مليو ۽ چيائينس ته ”حضرت اوهان مون کي ڪيئن سڃاتو؟“ مولانا سنڌيءَ چيس ته تنهنجا مضمون پڙهيا اٿم. تو کي ڏسڻ سان محسوس ڪيم ته اهو شخص تون آهين.“

”پر مان ته مولانا سنڌيءَ جو معتقد آهيان.“

”مان به“ مون وراڻيو.

”ته پوءِ اڄ کان وٺي منهنجو يار آهين.“

ان ڏينهن کان وٺي محمد امين خان کوسي سان منهنجي ياري ٿي ويئي. ياري به اهڙي جو هڪ دفعي خط ۾ لکيائين ته ”اڄ تو کي ساري اکين مان ڳوڙها وهي آيا. وڏيڪ پاڻ ڄاڻ.“

محمد امين خان ٺل جي پاسي جو ويٺل هو. پر سندس اها عادت هوندي هئي ته سال ۾ هڪ ٻه دفعو ڪراچيءَ هڪ اڌ دفعو لاهور يا هڪ

اڌ دفعو راولپنديءَ چڪر تي ويندو هو. ڪجهه زماني جو ڪم، ڪجهه وندر ورونهه. مان تن ڏينهن ۾ حيدرآباد ۾ هوندو هوس. چنانچ، محمد امين خان ڪراچيءَ پهتو ناهي، ته مون کي تار ايندي ته ”يڪدم اچ.“ ٽڪندو سدائين هوٽل ۾ هو ۽ سواريءَ لاءِ هڪ ٽئڪسي سڄي ڏينهن لاءِ ڀاڙي تي ٻولي ڇڏيندو هو. پوءِ پاڻ ڪيڏانهن وڃي ته ڇا، نه وڃي ته ڇا. موٽر سڄو ڏينهن هوٽل جي در تي بيٺي هوندي. هوٽل جو ڪمرو ايئرڪنڊيشنڊ وٺندو ۽ ڪوشش ڪري ڪنڊ پاسي سان. ڪمري جي ٽيبل تي تازو ۽ خشڪ ميوو پليٽن ۾ سينگاري رکندو. هڪ ته ڏسڻ سان اکين کي فرحت، ٻيو ته سڄي ڪمي ۾ قدرتي خوشبوءَ. ڪراچيءَ ۾ انهن ڏينهن ۾ ”نيشنل سٽي“ هوٽل ۾ ٽڪندو هو. ڪمري ۾ ٻه پلنگ هوندا هئا. هڪ تي پاڻ ٻئي تي مان. سڄو وقت ڳالهيون اڳين زمانن جون.

محمد امين خان هوندئن ته شاهه صاحب جي. ايم. سيد، پير حسام الدين راشديءَ ۽ شيخ عبدالمجيد سنڌي سان محبت ڪندو هو، پر سندس عشق ٻن ڄڻن سان هو: هڪ مولانا عبيدالله سنڌيءَ سان ۽ ٻيو خانبهادر شهيد الله بخش سومري سان.

مولانا سنڌيءَ ڪنهن دفعي ڪيس چيو هو ته ”اسان جو خان اڄ نماز جي امامت ڪندو.“ محمد امين خان اهو سرٽيفڪيٽ هڪ هزار دفعا مون کي وري وري ٻڌايو.

هڪ ڏينهن وجان ته چڙيو ويٺو آهي. چوڻ لڳو، ”تون هن کي سمجهائين نٿو؟“ مون چيو ”ڪنهن کي؟“ چيائين، ”مولانا قاسميءَ کي.“ مون چيو، ”خير؟“

چيائين ته ”اڄ وٽس ويس ته لڳو مولانا سنڌيءَ سان پنهنجي محبت بيان ڪرڻ. هاڻي پلا ڪو پڇيس ته بابا، مولانا سنڌي منهنجو، مان مولانا سنڌيءَ جو. اجا جيئرو جاڳندو ويٺو آهيان. تون ڪير ٿيندو آهين مولانا سنڌيءَ جي محبت جو دعويدار؟“

مس مس مون ڪيس ٺڌو ڪيو.

خانبهادر شهيد الله بخش سومري کي جيترو محمد امين خان ياد ڪندو هو اوترو سندس اولاد به ڪيس ڪونه ڪندو هوندو. چوندو هو، ”سنڌ جي مستقبل جو دستاويز الله بخش جي رت سان لکيل آهي. جيسين اهو نه پڙهيو ويو آهي، تيسين ٻيون سڀ ڳالهيون اجايون آهن.“

هڪ دفعي خانبهادر الله بخش جي هڪ عزيز کي سکر جي ڊپٽي ڪمشنر وٽ نوڪري ڏيارڻ وٺي ويو. ڊي-سي- غير سنڌي هو. نخرا ڪرڻ

لڳو. محمد امين خان دب ڪڍيس: ”تون ان شخص جي عزيز کي نوڪري ڏيڻ ڪان آنا ڪاني ڪري رهيو آهين، جنهن تو جهڙن سوين ڇوڪرن کي روزگار سان لاتو!“ ڊي-سيءَ-اوڏي مهل ئي آرڊر ڏنس.

محمد امين خان ماڻهن کي خطاب ڏيندو هو. شاهه صاحب جي. ايم. سيد کي ”سيداعظم“، پير حسام الدين صاحب کي ”داناي راز“ مولانا قاسمي صاحب کي ”علم جو سمنڊ“ مون کي، ”رباني منهنجو ليڊر“ خطاب ڏنائين. پير علي محمد راشديءَ کي تمام ڏکيو خطاب ڏنائين. هڪ ڏينهن وٽس وڃان ته منجهيو سنجهيو ويٺو آهي. مون ڇيو، ”خير ته آهي؟“ چيائين ته ”راشديءَ کي فون ڪيم. ملاقات جو وقت مقرر ڪيو سون. پر چيائين ته خالي هٿين نه اچجانءِ.“ نذرانو کنيو اچجانءِ.“

مون چيو ته ”تو ڪيس خطاب ته سٺو ڪونه ڏنو آهي؟“

چيائين ته ”اها جدا ڳالهه آهي. پر ساڻس تعلقات ته پراڻا آهن.“ شام جو مليو ته چيائين ته ٻه چار هزار رپيا نذرانو ڏيئي آيس.

مرحوم راشدي صاحب کي شابس هجي، جو محمد امين خان جي وفات تي، جنگ اخبار ۾ نهايت سهڻو مضمون لکيائين ۽ ڪيس سڪ سان ياد ڪيائين.

محمد امين خان پاڻ کي به هڪ خطاب ڏنو هو: ”سنڌ پرستيءَ جي امام.“ ان تي هڪ غير سنڌيءَ ڏاڍو بحث ڪيس، پر پاڻ خطاب بدلايائين ڪونه. سنڌ سان محبت سندس رت ۾ سمايل هئي.

ون يونٽ جي ڏينهن ۾ هيڪر لاهور هجي ۽ لاهور هوٽل ۾ ٽڪيل. ون يونٽ جي گورنر ڪان ملاقات جو ٽائيم ورتائين. جڏهن سيڪريٽريءَ جي ڪمري ۾ انتظار ڪري ٽڪو، تڏهن سيڪريٽريءَ کي چيائين ته: ”شير آيو آهي، ڪئي سان ملڻ.“

هو اها ڳالهه بڏي وائڙو ٿي ويو ۽ وڃي گورنر کي دانهن ڏنائين. هن هڪدم اندر گهرايس. محمد امين خان ڪجهه چوي ئي چوي، ان کان اڳ چيائينس ته ”سنڌ جو مسئلو ڪيئن حل ٿيندو؟“

محمد امين خان چيس ته، ”جي. ايم. سيد جي معرفت“

هن پڇيس ته، ”جي. ايم. سيد ڪيئن راضي ٿيندو؟“

محمد امين خان چيس ”منهنجي معرفت“

هن چيس، ”اوهان ڪيئن راضي ٿيندا؟“

محمد امين خان چيس ته، ”اقتدار ۾ ڀاڱي ڀائيوار ڪريو.“

گورنر اقتدار ۾ ڀاڱي ڀائيوار ته ڪونه ڪيس، پر زمين جي ڍل جي بقايا معاف ڪيائينس.

لاهور جو ٺي ٻيو واقعو آهي. پاڻ ٻه لاهور هوٽل ۾ ٽڪيل هو ۽ مان ٻه. شام جو وڃان ته هڪ نوجوان ويٺو آهي. ڳالهين ڪندي مون کان ون يونٽ بابت سوال ڪيائين. مون تڪو جواب ڏنس. هن وٺي بحث شروع ڪيو. پوءِ ته مون جيڪا ساڻس تعدي ڪئي، سا عمر ڀر ياد رکندو. مزي جي ڳالهه اها ته محمد امين خان هونئن ته سڄو وقت خاموش، پر رکي رکي وچ بحث ۾ چوي ته "مان نه ون يونٽ جو موافق نه مخالف."

آخر ان نوجوان موڪلايو ۽ مون کي چيائين ته "مان سياڻي پنهنجي بزرگ کي وٺي ايندس. اوهان ان سان بحث ڪجو."

جڏهن هو هليو ويو ته محمد امين خان مون کي ٿو چوي: (سيا ڳا، مون کان پڇين ته ها؟ ائين ٺي بحث ۾ شروع ٿي وئين.)

"چو؟" مون کانئس پڇيو.

اهو نوجوان سي-آءِ-ڊيءَ وارن جو ماڻهو هو. مان هوٽل ۾ وائي تبائي ٻڪندو رهندو آهيان، سو مون تي نظر ڪرڻ ايندو آهي." مون چيو، "تو مون کي اڳواٽ ٻڌايو ڇو نه؟"

چيائين، ته "مان ته بار بار چوندو رهيس ته نه مان ون يونٽ جو موافق نه مخالف، پوءِ به تو ڪونه سمجهيو." ائين چئي اچي ٺهڪن ۾ ڇٽڪيو.

هيڪر ڪراچيءَ ۾ هڪ هوٽل ۾ ٻئي ڄڻا گڏ هجون. چيائين ته رات ڪاڏي نه وڃجانءِ، مون الانا ۽ سندس گهر واريءَ جي دعوت ڪئي آهي.

رات جو مرحوم الانا صاحب پنهنجيءَ گهر واريءَ سان آيو. واهه جي ڪچهري ٿي. تن ڏينهن ۾ قائداعظم تي ڪتاب لکي رهيو هو. پر مس فاطمه جناح سان اختلاف ٿي پيا هئس. قائداعظم جي نندپڻ جا ڪيئي قصا ٻڌايائين. چيائين ته "جڏهن ڄائو هو ته سندس والده هڪ باس باسي هئي. سو ڪراچيءَ مان ڪاٺياواڙ جي پاسي، پانلي رياست ۾، سندس آبائي ڳوٺڙي ۾، مقامي پير جي مزار تي جهنڊ لهرائڻ لاءِ ڪٽي ويس. مائي صاحبه اڍائي سون ميلن جي سفر مان ٻه سو ميل ٻيڙيءَ ۾ ڪيا ۽ پنجاهه ميل بيل گاڏيءَ ۾. ڪنهن ٿي ڄاتو، ته مائي صاحبه جي ڪڇ ۾ جيڪو معصومڙو آهي، سو وڏي هوندي، هندستان جو ملڪ ٻن حصن ۾ ورهائيندو."

محمد امين خان جي پوين ڏينهن ۾ به الانا صاحب ئي ڪيس ويجهو هو. مون کي تڏهن خبر پئي جڏهن جو ڳي جوءِ ڇڏي چڪا هئا.

الانا صاحب ٻڌايم ته گڙدن جي خرابيءَ ڪري ڳوٺان ڪٽائي آيس ۽ ڪراچي جي انڪل سريا اسپتال ۾ داخل ڪيائونس. ڊاڪٽرن دستوري ڪارروائي ڪئي. گلوڪوس جون بوتلون چاڙهيائونس. پوءِ اچي سين

سان ورتائونس. ٽنب ٽنبان. غريب جڏهن اهي عذاب سهي ٿڪو، تڏهن هڪ ڏينهن موقعو ڏسي اسپتال ڇڏي ويو. بر ملڪ الموت اڳيئي سندس لاڏاڻي جو انتظام ڪري ڇڏيو هو.

هيڪر مون مٿس زور آندو ته حياتيءَ جو احوال قلمبند ڪر. مس مس وڃي ڳالهه مڃيائين. پر چيائين ته لکڻ لاءِ ماڻهو موڪل. مون مهراڻ جي نائب ايڊيٽر ناشاد ڪي وٽس موڪليو. چيائينس ته ”ڇوڪرا پڇي وڃ، مان عاشق صفت ۽ معشوق مزاج ماڻهو آهيان.“

محمد امين خان جي وفات سان سنڌ جي تاريخ جو هڪ باب پورو ٿيو. سندس تعلقات رڳو سنڌ ۾ ڪونه هئا. بلوچستان ۾ به هئا. مرحوم پٽي، بلوچ سردارن سان گفتگو لاءِ ڪيس اڳتي ڪيو هو. سنڌ ۾ شروعاتي هاري ۽ مزدور تحريڪن جو محمد امين خان هڪ امام هو. علي ڳڙهه ۾ پڙهي آيو هو. جيئن سنڌ پهتو ته انگريزن جي خلاف قوميت جو جهنڊو بلند ڪيائين. ان سبب سان مٿس خوني حملو ٿيو، جنهن ۾ سخت زخمي ٿيو. حياتي هئس، سو بچي ويو. خانبهادر الله بخش سومري جي ساڻس ڏاڍي دل هوندي هئي. محمد امين خان سنڌ جي تاريخ جا ڪيئي اهم راز سيني ۾ ساڻ کنيو ويو.

سندس وفات کان پوءِ هڪ دفعي، ادبي بورڊ جي آفيس ۾ ويٺو هوس، ته سندس پاءُ موٽر اچي آفيس جي در تي جهلي. چيائين ته "ڪراچيءَ کان حيدرآباد وڃي رهيو هوس ته اوچتو محمد امين خان جو آواز ٻڌم: "ربانيءَ سان ملندو وڃ."

مون آفيس جي ڪمري جي دري کولي. رستي تي نٿهڻ اُس کانسواءِ ڪجهه ڪونه هو. دري بند ڪيم ته محمد امين خان جو ٺهڪ ٻڌم "رباني منهنجو ليڊر."

گذريل زمانا ياد آيا ۽ اکيون آليون ٿي ويون.



محمدامين خان کوسو ـ پيرحسام الدين شاهه راشدي

بلوچن جي تاريخ تمام دلچسپ آهي. مون ڪجهه قدر پڙهي آهي. سندن مکيه وصف بهادري آهي. پاڻيءَ پٽ جي ٽينءَ جنگ ۾، احمد شاهه ابداليءَ جي سوڀ جو وڏو انحصار بلوچن جي بهادريءَ تي هو. چاڪر خان رند سندس مکيه مددگار هو.

سنڌ ۾ ون يونٽ جي خلاف جڏهن تحريڪ زور هئي، تڏهن اخبارن ۾ خبر آئي ته ”روسين بلوچن جي مري قبيلي کي مدد جي آڇ ڪئي آهي.“ پير علي محمد راشدي چين ۾ سفير جي عهدي تان فارغ ٿي، ڪراچيءَ ۾ لارينس روڊ واري بنگلي تي رهندو هو.

اسد الله شاهه حسيني سنڌي ادبي بورڊ جو اعزازي سيڪريٽري هو ۽ مان اسسٽنٽ سيڪريٽري. ٻئي وٽس ”اهي ڏينهن، اهي شينهن“ ڪتاب جي سلسلي ۾ يا وري ڪنهن ٻئي اهڙي ڪتابي ڪم سان ملڻ وياسين. ڪچهري ڪندي، پاڻ اول چيني اڳواڻن

۽ پوءِ روسي اڳواڻن جون ڳالهيون ڪيائين ته هن قسم جي معاملن ۾ انهن جو رويو هيئن آهي.

مون ڪيس چيو ته، ”هائو، پر روسي ته ڪي ٿلهي عقل جا ماڻهو آهن. هِتِ ، سنڌ ۾ ون يونٽ جي خلاف هيڏي باهه ٻري پئي آهي. پر، هو ويٺا ٿا مري بلوچن کي مدد جي آڇ ڪن!“

راشدي صاحب ڪا دير ته پائيپ ڇڪيندو رهيو. پوءِ مون ڏي نهاري، ڏيرج سان چيائين ته ”شايد، هڪ شخصَ جي حيثيت ۾، بلوچُ سنڌيءَ کان وڌيڪ پروسي جو ڳو آهي.“ اها راشدي صاحب جي راءِ هئي. جنهن جي باري ۾ مختلف ماڻهن جا مختلف رايا آهن. سندس گهرواري راشدي خاندان سان منهنجن پراڻن ۽ گهرن گهاٽن لڳ لاڳاپن ڪري، ڪڏهن ڪڏهن سياسي ڳالهيون به ڪندي هئي. هڪ دفعي راشدي صاحب جي ڪا ڳالهه نڪتي. چيائين ته:

.”MY HUSBAND IS A COLD BLOODED POLITICIAN“

سائين جي. ايم. سيد ۽ راشدي صاحب سالن جا سال پاڻ ۾ گهرا گهاٽا هئا. حسام الدين شاهه سان به وڏي محبت هئس.

سنڌ جي تاريخ جي سلسلي ۾ سندس ڪم جي تعريف ڪندو هو. هڪ پيري ٻنهي پائرن جي پيٽ ڪندي، "حيدر منزل" جي هڪ ڪچهريءَ ۾ چيائين ته، "کهڙي ڪي ون يونٽ ٺاهڻ جو گناهه بخش ڪري سگهجي ٿو. پر، راشديءَ ڪي ڪونه ڪبو." ڪجهه دير بعد چيائين ته، "پر، ٻنهي پائرن مان ڪنهن تي هٿ رکڻو پوي ته مان اڄ به علي محمد شاهه تي رکندس. هو حسام الدين شاهه کان وڌيڪ ذهين ۽ بهادر آهي."

ڳالهه پئي ڪئيسون بلوچن جي قومپرستيءَ جي. منجهن قوم پرستيءَ جو ٻج ڇٽڻ وارو شخص يوسف خان منگسي هو. وڏو دانشور هو. صحافي هو. اشتراڪيت ڏي مائل هو. بلوچستان ۾ "جبل مٿي باهڙي" ٻاريائين. جا دڪي، دڪي، نيٺ پيڙ تي پئي. ان جا الا پري پري پيا.

ڄمُيو سنڌ ۾ آهي. پر، بلوچستان واريءَ سرحد کان پري به کونهي. ان جي خاڪ مان محمد امين کوسو ساماڻو، جنهن کي سوڀو گيانچنداڻي سنڌ جي اوائلي اشتراڪين ۾ شمار ڪري ٿو. ڪيس اردو ترقي پسند شاعرن مخدوم محي الدين ۽ اسرار الحق مجاز جو دوست ڪوٺي ٿو.

تاريخي طرح اها ڳالهه مڃيل آهي ته بلوچستان ۾ قومپرستيءَ جو انگ نهايت نمايان آهي. پر، حيرت جي ڳالهه آهي ته اتي هاڻوڪي دور ۾ به گل خان نصير جهڙا شاعر ۽ ”بلوچي ڪهني شاعري“ جي مرتب شير محمد بلوچ (جنهن کي سندس دوست جنرل شيروف ڪوٺيندا هئا) جي باوجود عام اديبن ۾ ترقي پسند ادب جي تحريڪ ڪا به غيرمعمولي ڪاميابي حاصل ڪانه ڪئي. بلوچستان جي ڀيٽ ۾ اُن سنڌ ۾ وڏي ڪاميابي حاصل ڪئي.

سنڌ ۾ ترقي پسند سوچ جي اولين مشاهيرن ۾، جمشيد نسروانجي، محمد امين کوسو، حشو ڪيولراماڻي، سوڀو گيانچنداڻي، گوبند مالهي، گوبند پنجابي، ڪيرت ٻاٻاڻي، حيدر بخش جتوئي، قادر بخش نظاماڻي، برڪت علي آزاد، ارباب نور محمد پليجو، عبدالقادر انڍڙ، محمد ابراهيم جويو، شيخ اياز ۽ نوابشاهه وارو، "انقلاب" اخبار جو ايڊيٽر، ڪامريڊ عبدالخالق شامل آهن. انهن ۾، هڪڙا ٻين کان سينيئر هوندا. پر، ان باري ۾ ڪا ڳالهه چئي نٿي سگهجي، ڇو ته سنڌي ترقي پسند تحريڪ جي اوائلي دور بابت مستند مواد سنڌ ۾ ملي ئي ڪونه ٿو. البته هند ۾ موجود آهي. تازو، نفيس احمد شيخَ تاج جويو وٽان ٻه ڪتابَ ، مون کي عاريتاً آڻي ڏنا. هڪڙو گوبند مالهيءَ جو "سنڌڙيءَ منهنجي جندڙي" ۽ ٻيو ڪيرت ٻاٻاڻيءَ جو "ڪجهه ٻڌايم ڪجهه لڪايم".

اسان وٽ به اردو زبان ۾ تحريڪ بابت گهڻو مواد آهي مون کي لاهور مان تازو ٻه ٽي ڪتاب مليا، پر، ٻيا به گهڻا ئي آهن، جيڪي في الحال مون کي ڪونه مليا. افسوس آهي ته انهن ۾ سنڌي زبان ۾ تحريڪ ترقي پسند ادب جو ذڪرُ رڳو اشاري طور آهي. اديبن ۽ شاعرن جا نالا ته آهن ئي ڪونه.

1930 کان 1940 واري شروعاتي دور ۾، سنڌي ترقي پسند ادب جي شروعاتي دؤر جا هاڻي اسان وٽ متعبر شاهد فقط ٻه آهن: هڪ محمد ابراهيم جويو ۽ ٻيو سوڀو گيانچنداڻي. جويي صاحب جي زندگي، علم، تعليم، قلم، ڪاغذ ۽ ڪتاب سان گڏ گذري آهي. لکڻ پڙهڻ جو ڏاڍو شوق اٿس. پر، منهنجيءَ معلومات موجب، ”سنڌي ترقي پسند ادب جي تحريڪ“ بابت ڪو به ڪتاب ته ڇا، ڪو مفصل مضمون به ڪونه لکيو اٿس. ساڳئي وقت سنڌ ۾ تحريڪ کي وڌائڻ لاءِ گهڻي ۾ گهڻو ڪم به (خاص طرح، پاڪستان ٺهڻ کانپوءِ) پاڙ ئي ڪيو اٿس.

سوڀي گيانچنداڻيءَ جو نالو 1947 کان اڳ واري سنڌ جي ساهتيه ۽ سياسي سرگرمين ۾ گهڻو اڳي ٿو. ٽئگور جي شانتي نڪيتن ۾ پڙهي آيو هو ۽ ڪراچيءَ جي ڪاليجن ۾ پڙهندڙ نوجوان سنڌي شاگردن ۾ انگريزن جي خلاف بغاوت جو عَلَمُ بلند ڪيو هئائين. ڪانئس اڳ اهو ڪم، شايد، هشو ڪيولراماڻي ڪندو هو، جيڪو وري انگلنڊ مان تعليم پرائي آيو هو. حشوءَ سوڀي ۾ اڳواڻيءَ جون سڀ لياقتون ڏٺيون.

هن به حشوءَ وانگر ڪاليجي شاگردن کان هڙتالون ڪرايون ۽ انهن ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي. سو، سنت ئي ترقي پسند ذهن وارن نوجوانن ۾ هر دلعزيز ٿي ويو. ساڳئي وقت منجهن ترقي پسند ادب (يا ساهت) لاءِ به شوق پيدا ڪيائين. اڳتي هلي، مزورن جي يونين ۾ به وڃڻ لڳو ۽ اتي به ڪامياب ليڊر ثابت ٿيو. پاڪستان ٺهيو ته سنڌ ڇڏي هند ڪونه ويو. پنهنجي آدرش ۽ اصولن موجب ”سوشلسٽ انقلاب“ لاءِ ڪم ڪندو

رهيو. انهيءَ سموري عرصي ۾ ڪيس ڪن ساٿين جي ”من-ورتي“ جا ڪي تلخ تجربا به ٿيا هوندا. سن 1950ع واري ڍاڪي ۾ منهنجي ساٿس اول واقفيت ۽ پوءِ سنگت ٿي. ڳالهه ڪيائين ته، ”ڪنهن معاملي ۾، پوليس سان آمهون سامهون ٿياسون. مون پنهنجن ساٿين کي سيڪاري ڇڏيو هو، ته اڳواٽي مان ئي ڪندس. پر، جڏهن پوليس منهنجي آمهون سامهون اچي ته نعرو هڻندس. پٺيان اوهان به منهنجيءَ پٺيرائيءَ ۾ نعرا هڻجو، ته پوليس ڊڄي ويندي.

جڏهن پوليس منهنجي آمهون سامهون آئي ۽ مون نعرو هنيو ته پٺيان وراڻي ڪانه ملي. اجا جو ڪنڌ ورائي، پوئتي نهاريان ته منهنجن ساٿين مان ڪير ئي ڪونهي. سڀ پوليس جي دپ کان ڀڄي ويا هئا. اهو لقاءُ ڏسي پوليس جو اعليٰ عملدار اڳتي وڌيو، مون وٽ آيو ۽ چيائين ته ”گوڙ شور ٿو ڪرين! هل اندر.“ مون کي ٻانهن کان جهلي وجي پوليس جي لاريءَ ۾ وهاريائين.

ڪيترا ڏِينهنَ قيد ڪاٽيائين. سو مون ڪانئس ڪونه پڇيو. پر، پوءِ ايترا ته گهمرا قيد ٽيو، جو انگريزي محاوري موجب چئبو ته "Gail-bird" ٿي ويو. سندس سنڌي ساٿين ۾، ايتري اهنجَ، عذابَ ۽ نظربنديءَ جي سختي شايد حيدربخش جتوئيءَ ڏٺي هجي.

سائين جي.ايم.سيد ته پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ ايترو ته عرصو اسيريءَ ۾ گذاريو، جو ٻئي ڪنهن به اڳواڻ ڪونه گذاريو. پر، هو سنڌ جي نئين نسل ۾ قوميت جو اهڙو ٻج پوکي ويو، جنهن کي هاڻي ڦٽڻ ۽ گونچ ۽ گل ڪڍي ٻوٽن ۽ سائي دار وڻن ٿيڻ کان روڪڻ مشڪل نظر اچي ٿو. چون ٿا ته ڪنهن زماني ۾ وڏن وڏن وڻن وارا گجگاهه ٻيلا هوندا هئا. سنڌ ۾ تاريخ پاڻ دهرائي ته عجب ڪونهي.

سوين جي سالن جي لاڳيتي جدوجهد جو نتيجو نظر ڪونه آيو. هو ادبي (ساهتيه) ميدان کان وڌيڪ سياسي ميدان ۾سرگرم

رهيو آهي. سوشلسٽ جي نظر سان نهاريو ته سنڌ ۾ مکيه مسئلو جاگيرداري نظام آهي. پر سوڀي هارين کي متحد ڪرڻ بدران ڪراچيءَ جي مزدورن جي مدد سان گڏجي انقلاب آڻڻ تي گهريو. ان سلسلي ۾ سالن جا سال قيد ۽ ڪشٽ ۾ ڪاٽيائين. ٽڪر ٽاڪي، ڪير جي نهر وهائڻ آسان ڳالهه به ڪانهي. نه ته فرهاد به شيرين ماٽي ها. سوڀي جي سنگتين يعني ڪراچيءَ جي ۽ لانڍيءَ جي انقلابي مزدورن جو ته هاٽي نالو به ڪونه ٿو ٻڌجي. جنهن سوشلسٽ انقلاب جا سڄي عمر خواب ڏٺا هئائين، سو، دونهين وانگر، هوا ۾ تحليل ٿي ويو ته پاڻ به گهر ۾ گوشه نشين ٿي ويو.

هيءَ حقيقت ته هاٽي هر ڪنهن کي معلوم آهي ته روس ۾ سوشلسٽ انقلاب آيو. انقلاب کان اڳ ۽ پوءِ لکين ماٹھو مئا. پر، سوويٽ يونين اسان جي اکين اڳيان تاس جي پتن جي ماڙيءَ وانگر ڊهي ڍيرُ ٿي پئي. ڪانيءَ کي اڏوهي کائي وجي ٿي چو

ته ڪاٿ ۾ اهڙي ڪا اندروني ڪمزوري آهي. تيئن سوشلزم ۾ به اهڙي ڪا اندروني ڪمزوري آهي، جو ان جو نظرُ جٽاءَ ڪري نٿو سگهي. چين ۾ به سوشلزم هاڻي ڇٽو ڪري ڇڏيو اٿن. ڄڻ ته هڪ ڪلو ڪير ۾ پنج ڪلو پاڻي پيل آهي. ان جو ڪو ته سبب هوندو؟ شانگهائيءَ جا ”اسڪاءِ- اسڪريپرز“ ڏس، ته نيويارڪ جا اسڪاءِ اسڪريپرز وسري وڃن ٿا. چيئرمن مائوءَ چين ۾ سوشلسٽ انقلاب آندو. مرد ۽ عورت جو فرق مٽائي، ٻنهي کي هڪ‌ڙئي وانگر محنت- ڪش بنايو. مون بيجنگ ۾ نوجوان عورتن کي نوجوان مردن وانگر ڊبل ڊيڪر بسون هلائيندي ڏٺو. هنن ريشمي ويس وڳا لاهي ڇڏيا هئا. مردن واريون ساديون پينٽون ۽ بش‌شَرٽيون پاتيون هيون. پر، هاڻي OPEN-DOOR پاليسيءَ ڪان پوءِ وري زالاٽا وڳا، ريشمي وڳا ۽ ميڪ اپ جا سامان چين ۾ موٽي آيا آهن. نه فقط ايترو، پر چين ۾ ماڻهن کي پرائيويٽ ڪاروبار ڪرڻ ۽ مال ملڪيت ناهڻ جي به اجازت ڏني وئي آهي. دنيا ۾ ارب پتي امير هن

وقت پهرئين نمبر تي آمريڪا ۽ ٻئي نمبر تي روس ۾ آهن.
سوڀو ذهين ماڻهو آهي. هن انهن مڙني حقيقتن مان ڪو ته
نتيجو ڪڍيو هوندو.

ٻه ٽي سال ٿيا ته مان پنهنجيءَ نياڻيءَ ۽ داماد کي "موهن جو
دڙو" ڏيکارڻ ويس ۽ دادو ضلعي ۾ اعجاز چانڊئي وٽ ٽڪيس،
جنهن جي ٻن پينرن سان گڏ ٻئي ڏينهن صبح جو موهن جي دڙي
وياسين. اتي سيني کي دڙو ڏسڻ لاءِ چئي مان ۽ اعجاز لاڙڪاڻي
وياسين. سوڀي کي فون تي اچڻ جو اطلاع ڏنوسين. پاڻ گهر
هو. منجهند جي مهل هئي، آرام سان تڙ پاڻي ڪري، فارغ ٿي،
ٻاهر نڪتو هو. ڪپڙا بدلائي اسان سان اچي ويٺو. ڪجهه دير
ڳالهه ٻولهه ڪيائين ۽ چاءِ جو ڪوپ پياريائين. اعجاز ڏاهو
شخص آهي، تنهن مون کي چيو ته سائين، "هاڻي اٿون. سوڀي
صاحب کي آرام ڪرڻو آهي."

اسان سويي کان موڪلائي آياسون. مون اعجاز کي سويي جي باري ۾ گهڻيون ئي وڏيون ڳالهيون ٻڌايون هيون. سو ته سندس ملاقات مان سراسر مايوس ٿي موٽيو. پر، منهنجي ذهن تي به اهو تاثر ويٺو ته ”ڪالهه جو انقلابي، اڄ جو گوشه نشين آهي.“ سوچڻ لڳس ته هو سڄو وقت واندو ويٺو آهي. جيڪڏهن پنهنجيءَ زندگيءَ جي جدوجهد (MY STRUGGLE) جو سربستو احوال ويهي لکي يا لکائي ته وڏي خدمت ٿي پوي، ڇو ته نئين نسل کي خبر پوي ته سنڌ ڪهڙن سورن مان گذري آهي؟ هن سياست کان ڪناره ڪش ٿيڻ ڪانپوءِ ڪي ننڍا ننڍا ڪتاب لکيا آهن، جي سندس ذاتي مشاهدن ۽ يادگيرين تي مبني آهن. انهن ۾ هڪڙي جو نالو آهي ”وڏي وٿ هئام.“ منجهس محمد امين کوسي جو ذڪر ڪندي لکي ٿو ته ”محمد علي جوهر جو شاگردُ، ڪميونسٽ ۽ ڪانگريسي هو. منهنجي ساڻس واقفيت سن 1941ع ۾ ٿي. سنڌ زميندار هوٽل، ڪراچيءَ ۾ مستقل ميمبر طور رهندو هو. مون ان زماني ۾ پارٽيءَ جي ڪنهن

معمولي حڪم مڃڻ کان انڪار ڪيو هو. سو، حڪم مليو ته محمد امين کوسي وٽ حاضر ٿيان.

”نومبر مهيني جي هڪ شام جو هوٽل ۾ سندس ڪمري ۾ پهتس. پيار ۽ عزت سان اٿي مليو. هڪ ٽيبل ڏي وٺي هليو جنهن تي چانهه جو سامان ڪيڪ، بسڪوٽ ۽ مختلف قسمن جا سڪل ميوا پليٽن ۾ رکيا هئا. ايتري ۾ پروفيسر آصف جاهه ڪارواڻي، قادر بخش نظاماڻي، ڪامريڊ عبدالقادر انڍڙ ۽ ٿهلراماڻي به اچي وارد ٿيا. پروفيسر ڪارواڻيءَ ڳالهه جي شروعات ڪئي ته ’تو شاگرد فئڪشن ۾ حشو ڪيولراماڻيءَ سان دوستي ٽوڙڻ کان نابري واري آهي. سو، تو کي پارٽي ٽربيونل اڳيان جواب ڏيڻ لاءِ سڏيو ويو آهي.‘

مون چيو ته مان پارٽيءَ جو ميمبر ڪونه آهيان، ان ڪري اوهان جي اڳيان جوابدار ڪونه آهيان. مان پارٽيءَ جو فقط همدرد

آهيان. شاگردن ۾ حشو ڪيولراڻيءَ جي اثر ڪان واقف آهيان. اوهان ساڙس اٽڪي، پنهنجيءَ تحريڪ کي نقصان پهچائيندا.

”بعد ۾، سکر جيل ۾ محمد امين کوسي سان ست مهينا گڏ رهيس. تڏهن خبر پيم ته هو به پارٽيءَ جو باقاعدي ميمبر ڪونه هو. پر، آل انڊيا ليول جي ليڊرن: جوشيءَ ۽ اڌيڪاريءَ سان ملي، بحث مباحثا ڪري چڪو هو. هندستان جي ترقي پسند اديبن ۽ شاعرن مخدوم محي الدين (حيدر آباد دکن) ۽ اسرارالحق مجاز سان دوستي هئس.“

تازو ”ڪاوش“ اخبار جي پهرين نومبر 2009ع واري پرچي ۾ وري محمد امين کوسي جو ذڪر ڪيو اٿس ته ”هو (وڏيءَ عمر ۾) خاصو مجذوب ٿي ويو هو. تنهن هوندي به هن اسان کي پنهنجي عليگڙهه واري زماني، خلافت تحريڪ، مولانا محمد علي جوهر، سنڌ اسيمبليءَ اندر پنهنجي جنگ دشمن روين ۽

تقريرن کان آگاهي ڏياري. هو 1939 کان 1941ع تائين انگريز- دشمن- روين جو ترجمان هو.“

منهنجي خيال موجب، محمد امين کوسو 1940 ۾ پنهنجيءَ جوانيءَ واري زماني ۾، ترقي پسند خيالن جي اديبن ۽ شاعرن سان رابطو رکندو هوندو. ليڪن وڏيءَ عمر ۾ مذهبي ماڻهو ٿي ويو هو. ليڪن قومپرست اڳواڻن سان سندس عشقَ ۽ عقيدت ۾ ڪو به فرق ڪونه آيو. عبيدالله سنڌيءَ ۽ الله بخش سومري جو نالو وڏي ادب ۽ احترام سان ڪٽندو هو ۽ سندن وفات کان پوءِ سائين جي. ايم. سيد سان لنو لاتائين. پير علي محمد راشديءَ کي ”معلم الشياطين“ (شيطانن جو استاد) ڪوٺيندو هو.

محمد امين کوسي سان منهنجي ملاقات اتفاقيه نموني ۾ ٿي. سن 1963ع جي ڳالهه آهي ته مان سنڌي ادبي بورڊ جي ساليانيِ سرڪاري گرانٽ جاري ڪرائڻ لاءِ لاهور ويو هئس ۽ ”لاهور هوٽل“ ۾ ٽڪيل هئس. سانجهيءَ جو شهر مان موٽيس، ته هوٽل

جي گيٽ وٽ، هڪ وڏيءَ ڄمار وارو قداور شخص، سفيد ڏگهيءَ ڏاڙهيءَ، ٻروچڪيءَ سلوار، قميص ۽ صدريءَ ۾ بيٺو هو. مون اڳتي وڌي ڪيس هٿ ڏنو ۽ پڇيو ته ”اوهين محمد امين کوسا آهيو؟“

”هائو، پر توکي ڪيئن خبر پئي؟“

”سائين جي.ايم.سيد ۽ سائين حسام الدين راشديءَ جي ڳالهين مان.“

”ته پوءِ اڄ کان پوءِ پاڻ دوست آهيون.“

اسان ان ڏينهن کان رڳو دوست ڪونه ٿي وياسين، پر تمام گهرا گهاٽا دوست ٿي وياسين. انهيءَ ڪري، مان ساڻس ذاتي لڳ لاڳاپن ۽ پنهنجي مشاهدي جي آڌار تي ڪيس ”سنڌ جو ڪٽر قومپرست“ سمجهان ٿو. پاڻ چوندو هو ته ”مان سنڌ ۾ قومپرستيءَ جو امام آهيان.“ منهنجي خيال موجب سندس ذهن ۾ ”قوميت“ ۽ ”انقلابيت“ جي جيڪا چٽنگ آئي، سا بلوچ

ليبڊر يوسف خان منگسيءَ جي پاريل مچ مان اڏاڻي هئي. مون سان ڪڏهن ڪڏهن سندس ذڪر ڪندو هو. پر، وڏيءَ عقيدت سان ڪندو هو. سنڌ اسيمبلي ۾ محمد هاشم گذدر ڪي نيڪ ٽاءِ مان ورتو هئائين ۽ ٻين سان جهيڙا جهگڙا ڪيا هئائين. انهن جو ذڪر، سائين جي. ايم. سيد "حيدر منزل" تي ڪچهرين ۾ ڪندو هو. پر، محمد امين خان مون سان ڪڏهن ڪونه ڪيو ۽ نه وري ڪڏهن اسرار الحق مجاز ۽ مخدوم محي الدين جو ذڪر ڪيائين. مون ٻڌو ته جيڪب آباد جي ويجهوهڪ پبلڪ جلسي ۾ مسلم ليگ جي ڪارڪنن مٿس حملو ڪيو هو. مٿي تي لٺين جا سخت ڌڪ لڳس. بچي ويو، پر، سندس ذهني تعاون متاثر ٿيو. ليڪن، پوءِ به ڪيس ٿي ساڻي ۽ محسن دل تي هئا. هڪ مولانا عبيد الله سنڌي، ٻيو خانبهادر الله بخش سومرو ۽ ٽيون سائين جي. ايم. سيد. ٽئي سنڌي قومپرست هئا. سائين جي. ايم. سيد اها ڳالهه بار بار ڪندو هو ته هڪ دفعي مولانا سنڌيءَ فرمايو ته، "اڄ اسان جو خلُ محمد امين، نماز ۾ اسان

جو امام ٿيندو.“ بعضي، مولانا سنڌيءَ جو عشق ۾ عقيدت سان ذڪر ڪندو هو، سندس اکين ۾ ڳوڙها تري ايندا هئا.

جڏهن الله بخش سومري جو ذڪر ڪندو هو، تڏهن اڪثر چوندو هو ته ”بابا، فرق ته رڳو هيءُ آهي ته هو قبر جي اندر آهي ۽ مان ٻاهر آهيان.“ ڪراچيءَ ۾ هڪ دفعي رحيم بخش سومري جي دانهن ڏنائين ته ”رات جو هوٽل تي آيو هو، سو چٽني ڇڏي ويو.“ ائين چئي چيائين ته ”منهنجيءَ مقعد ۾ ڪٽيل گوگائي مرچن جي ڳوڙ وجهي ويو. هاڻي، ڀلا ڪير پڇيس ته بابا منهنجي جيئري هوندي تون الله بخش سومري جو وصي وارث ڪيئن ۽ ڪڏهن ٿئين؟“

مون رحيم بخش سان اها ڳالهه ڪئي. مون سان گهرو گهاٽو هو. چاليهن سالن جو يار هو. کلي ڏنائين. چائين ته ”بلاشڪ چاچي محمد امين کان وڌيڪ بابا جو ڪو به عاشق ڪونه هو.“

محمد امين خان، ٹل کان ڪراچيءَ پهتو ناهي، ته مون کي حيدرآباد تار يا فون ڪندو، ”مان هن تاريخ تي هن مهل ڪراچيءَ هوندس. تون حيدرآباد مان نڪر. هوٽل ۾ پهچي وڃ. اتان ڪاڏي نه وڃجانءِ.

”مسٽر ۽ مسز الانا ڪي رات جي مانيءَ تي سڏيو اٿم. انهن ٻن ۽ تو کان، مون کان سواءِ ٻيو ڪير ڪونه هوندو. ڪاڏي نه وڃجانءِ.“

الانا مرحوم ان رات مانيءَ کان پوءِ هڪ بجي تائين اسان کي قائداعظم جي ننڍپڻ جا احوال ٻڌايا، جيڪي پنهنجي ڪتاب QUAID-E-AZAM- STORY OF A NATION ۾ ڪونه لکيا اٿس. مون محمد امين خان سان ورهين جا ورهيه ائين گڏ گذاريا. هو ڪراچيءَ ۾ اول اول سنڌ زميندار هوٽل ۽ پوءِ نيشنل سٽي هوٽل ۾ ٽڪندو هو.

ڪڏهن هاليڊي ان هوٽل ۾ ٽڪندو هو. پر، اها ”هاليڊي ان هوٽل“ فريئر هال واري هاٽوڪي ڪانه هئي. صدر ۾ هڪ ننڍي، پر صاف سٺي هوٽل هئي. حيدر آباد ۾ فاران هوٽل ۾، لاهور ۾ لاهور هوٽل ۾ ۽ پنڊيءَ ۾ ”سِلوَر گرِلِ“ هوٽل ۾ ٽڪندو هو.

هر هنڌ هوٽل جي ڪمري ۾ سندس رهائش جو نمونو اهو ئي هوندو هو، جيڪو سوڀي بيان ڪيو آهي. ٻيو ته پيلي ٽيڪسي ڪرايي تي ڪندو هو ۽ هوٽل جي ٻاهران بيهاري ڇڏيندو هو. پوءِ پاڻ ڪاڏي وڃي ته ڇا، نه وڃي ته ڇا سندس مرضي ٽئڪسي سڄو ڏينهن بيٺي هوندي.

محمد امين خان کوسو غير معمولي ماڻهو هو. مون کي خوشي آهي ته قسمت مون کي سندس قربت ۽ محبت نصيب ڪئي. منهنجي ذهن تي سندس شخصيت جا نقش نگار ائين ئي لافاني آهن، جيئن تاج محل جي ديوارن تي سنگمرمر جا گل. جڏهن به

ياد ايندو اٿم ته شاهه سائينءَ جا لافاني لفظ چپن تي ايندا اٿم. اندر روح رهيام، سَڄَڻَ اوطاقون ڪري.

سوڀي محمد امين کوسي سان گڏ ٻه ٽي نالا ٻيا به ڪنيا آهن. پروفيسر آصف جاهه ڪارواڻي، قادر بخش نظاماڻي، ڪامريڊ عبدالقادر انڍڙ، ٿهلراماڻي ۽ حشو ڪيولراماڻي. انهن مڙني ۾ سر فهرست نالو جمشيد نسروانجي آهي. هن سنڌ ۾ سڀ کان اول هاريءَ پارٽيءَ جو بنياد وڌو هو. اها ڳالهه سن 1920ع واري ڏهاڪي جي آهي. پارسي مذهب جو هو. سوشلسٽ يا ڪميونسٽ ڪونه هو. پر، پاڻَ وڏو عوام دوستُ ۽ غريبن جو هڏ ڏوڪي هو. پير علي محمد راشديءَ ”اهي ڏينهن اهي شينهن“ ۾ سندس وڏي تعريف ڪئي آهي ۽ کيس ”ڪراچي شهر جو حقيقي معمار“ قرار ڏنو آهي. سوڀي پنهنجي مضمون ۾ جيڪي نالا ڪنيا آهن تن ۾ مون سڀني کان اول آصف جاهه ڪارواڻي ڏٺو. سن 1952 ۾ نوشهروفيروز مان مئٽرڪ پاس ڪري اچي

حيدرآباد جي ڦليلي ڪاليج ۾ داخلا ورتم، ته آصف جاهه ڪارواڻي اتي پڙهائيندو هو. ڪاليج ۾ شيخ حفيظ منهنجو دوست هو. ڪيس يا مون کي ڪارواڻي صاحب جي ذهني روين جي ڪا به خبر ڪانه هئي. ٿهلراماڻيءَ کي ڪراچيءَ ۾ سائين جي. ايم. سيد جي رهائشگاهه ”حيدر منزل“ تي گهڻو ڏٺم. عبدالقادر انڍڙ فقير منش هو. ڪراچيءَ ۾، سائينءُ وٽ، ”حيدر منزل“ تي ساڻس اڪثر ملاقات ۽ ڪچهري ٿينديون رهنديون هئي. پاڻ دل و جان سان حشو ڪيولراماڻيءَ جو مداح هو. مون سان سندس ڳالهيون ڪندو هو. حشو ڪيولراماڻي مون ڪونه ڏٺو. سندس دوستن کان سندس ڳالهيون ٻڌيم. منهنجو ڳوٺائي هو. ڪنڍياري کان ڏهن ميلن جي مفاصلي تي پرين جو ويٺل هو. پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ به سنڌ ڇڏڻ لاءِ تيار ڪونه هو. سرڪار ڪيس زوريءَ سنڌ مان ڌڪي ڪڍيو. دهليءَ ويو ته ”هندستان ٽائيمس“ مشهور اخبار ۾ ملازمت مليس. پر، سنڌ، سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب سان دل جي تار ڳنڍيل رکيائين. دهليءَ

۾ SINDHI SHORT STORIES نالي ڪتاب ڇپايائين. ڪراچيءَ جي ”ڊان“ اخبار انهيءَ ڪتاب تي تبصرو ڪيو ته:

THESE COUNTRY MEN OF SHAH LATIF ARE REALLY GREAT ARTISTS. THIS BOOK OF HUNDRED PAGES IS WORTH ITS WEIGHT IN GOLD.

انهيءَ ڪتاب جو DELUXE EDITION به ڪڍيائين. پهرئين ڇاپي ۾ منهنجو هڪ افسانو وڌو هئائين. ٻئي ۾ ٻيو به شامل ڪيائين- ”بري هن ڀنڀور ۾-“ انهيءَ جو انگريزي ترجمو “THE DELUGE” عنوان سان ڪيائين، جيڪو دهليءَ ۾ چين جي ڪنهن سفارتڪار کي اهڙو وڻيو، جو چينيءَ ۾ ترجمو ڪري بيجنگ موڪليائين. اتي ”شرجئي ويٽشو“ نالي، چين جي مشهور پندرهن روزه رسالي ۾، دنيا جي عظيم افسانن سان گڏ شايع ٿيو. پاڪستان ۾ چين جي سفارتخاني مون کي رسالي جو اهو پرچو موڪليو جو مون کان پير حسام الدين

راشديءَ ورتو. حشوءَ جي مون سان پرپٽ دل ٿي وئي. ڏاڍا محبت ڀريا خط لکندو هو. ڪجهه سال ٿيا ته هيءُ جهان ڇڏي ويو آهي.

گوبند مالهيءَ پنهنجي ڪتاب. ”سنڌڙي، منهنجي جندڙي“ ۾ لکيو آهي ته محمد امين کوسي سان منهنجي واقفيت حشوءَ ڪرائي. حشو گهڻو ڳالهائيندو هو. هڪ محمد امين کوسو ئي هو، جو کيس رَدُڪَدُ ڏيندو هو.

گوبند مالهيءَ لکيو آهي ته ”سنه 1940ع هو. (تاريخ ياد ڪانهي). صبح جو اٺين وڳي ڌاران سي. آءِ. ڊي. جو هڪ هندو انسپيڪٽر آيو. حشوءَ در کوليو ته پوليس انسپيڪٽر چيس ته تون (پنهنجين سياسي سرگرمين ڪري) گرفتار آهين. حشوءَ مون ڏي نهاري چيو ته، ’تون گهر وڃ ۽ منهنجو ڌوتل ڪڙتو ۽ پاجامو ڪٽي اچ ته مان پائي، انسپيڪٽر سان وڃان. ڊائري يا نوٽبڪ به آڻج.‘

”مان ٿئي نَنگَ ڪٽي آيس ته چيائين ته ’محمد امين کوسي سان
وڃي مل ۽ چئينس ته منهنجي ضامن جو بندوبست ڪري‘.

”محمد امين نياپو ٻڌي (حشوءَ سان ملڻ لاءِ) مون سان گڏجي
صدر پوليس اسٽيشن تي هليو. محمد امين کوسو ڪراچيءَ ۾
سدائين سنڌ زميندار هوٽل تي رهندو هو. مون کي بروقت اتي
ئي ملي ويو. منهنجيءَ دل ۾ محمد امين کوسي کان سوشلزم
سمجهڻ جي آرزو پيدا ٿي.

”1940 ۾ منهنجو ڪاليج جو پهريون ٽرم (TERM) ائين ئي
انهن سرگرمين ۾ گذري ويو. مون لکڻ تان هٿ نه کنيو هو.
’سنڌو‘ رسالي ۾ اردوءَ تان ترجمو ٿيل منهنجون ڪهاڻيون ۽
ليک ڇپبا هئا.

”سوڀو گيانچنداڻي منهنجي ٻُڍَلَ ليکوءَ جو دوست هو. ٽئي
ڄڻا گڏ رهندا هئاسين هڪ فلئٽ ۾. سوڀي کي پڙهڻ جو ڏاڍو
شوق هو. ٿلها ٿلها ڪتاب آڻيندو هو. رات جو دير دير تائين

پڙهندو رهندو هو. هڪ ڏينهن لڙيءَ منجهند جو سوپي جو آواز

ٻڌم. ڪٿان ٻاهران موٽيو هو. ليڪوءَ ڪي پئي چيائين ته، اڄ سڌ

پئي اٿم ته (گوبند مالهي) حشو ڪيولراماڻيءَ جي سنگت ۾

شاگردن جي يونين ۾ سرگرم رهيو آهي. اها به خبر پئي اٿم ته

اردوءَ جي ترقي پسند اديبن جون رچنائون (تحريرون) 'سنڌو'

رسالي، چوڏس رسالي ۽ ٻين مخزنن ۾ ڇپائيندو آهي."

گوبند مالهيءَ پنهنجي ڪتاب ۾، گوبند پنجابيءَ جو ذڪر

ڪندي لکيو آهي ته "جمال الدين بخاريءَ ڪي ڪو مضمون

پڙهي ٻڌائي رهيو هو. مون کي چيائين ته ڪرسي ڇڏي ويجهو

اچي ويهه. ائين ڪيم ته نوجوان ڏي نهاري مون کي چيائين ته

هي آهي گوبند پنجابي. نئين دنيا ڪتاب گهر طرفان، ڪنهن

غيرملڪي اديب جي آٽو بايوگرافيءَ جو سنڌي ترجمو ڇپائي

رهيو آهي. پوءِ مون ڏي نهاري نوجوان کي چيائين ته هي آهي

'گوبند مالهي'.

گوبند مالهيءَ پنهنجي ڪتاب ”سنڌڙي منهنجي جندڙي“ ۾ حشو ڪيولراماڻيءَ جو ذڪر ڪندي لکيو آهي ته:

”ڪراچيءَ جي آرٽس ڪاليج ۾ مان پڙهندو هئس، جيڪو ڊي. جي ڪاليج جي هڪ انيڪسيءَ ۾ هو. ان جو ڊين هو پروفيسر ايچ. ايم. گربخشاڻي. ڪاليج ۾ اسٽوڊنٽس يونين هلچل هلائي. ’فيون گهٽايو ۽ قسطن ۾ وٺو‘. انهيءَ هلچل جو روح روان هو حشو ڪيولراماڻي. هو ڪاليج جو شاگرد ڪونه هو. انگلنڊ مان تعليم پرائي آيو هو ۽ هندستان جي انگريزن کان آزاديءَ جو اتساهه کڻي آيو هو. جوان ۽ رعبدار پرسنلٽيءَ جو مالڪ هو. گڏيل سڌيل انگريزيءَ ۽ سنڌي ۾ ڳالهائيندو هو ۽ هٿن جي حرڪت سان ڪافي اثردار اڳواڻ لڳندو هو. مان حشوءَ کي پري کان ڏسندو هئس. دل ئي دل ۾ هن جي تنظيمي صلاحيتن ۽ ليڊرشپ جي قوتن جو داد ڏيندو هئس. مون حشوءَ ۾ آدرشي اڳواڻ ڏٺو. بهادر ۽ مقصد سان سچو. ساٿين سان

برابريءَ واري سلوڪ سان خيالن جي ڏي وٺ ڪندو هو. هو صبح جو سوير گهران نڪرندو هو. پوءِ سڄو ڏينهن هل هلان.“

حشو ڪيولراماڻي سنڌ ڇڏي هند ڪونه پئي ويو. سائين جي. ايم. سيد ٻڌايو ته سنڌ سرڪار ڪيس زوريءَ ڪڍيو. گوبند مالهيءَ لکيو آهي ته مون خواجه غلام عباس جي ناول ”رقاصه“ جو ”نئين دنيا“ ڪتاب گهر لاءِ سنڌي ترجمو ڪيو. ليکوءَ به ڪن ڪهاڻين جي ترجمي جي آڇ ڪئي. ”ڪتبُ گهر“ جي نئين ڪتاب ۾ ”نيلم“ عنوان سان، پنج ڪهاڻيون شايع ٿيون. ٽي مون ۽ ٻه ليکوءَ ترجمو ڪيون. ”نئين دنيا ڪتاب گهر“ طرفان ٻئي ”ٽرم“ ۾ هڪ ٿي ڪتاب ڇپيو- ”نوراني ديوي“- اهو به اردو ڪهاڻين جو ترجمو هو. اهڙيءَ ريت، گوبند مالهيءَ جي ڪتاب مان ته معلوم ٿئي ٿو ته ”سنڌي ترقي پسند ادب“ جي شروعات، اردو ترقي پسند اديبن جي تحريرن خاص ڪري ڪهاڻين، جي سنڌي ترجمن سان ٿي ۽

مترجمن جي اڪثريت هندو اديبن جي هئي، جيڪي ڪاليجن ۾ پڙهندا هئا. سوڀي جي بيان مان پڻ انهيءَ ڳالهه جي تصديق ٿئي ٿي ته سنڌي ترقي پسند ادب جي شروعات اردو اديبن جي تحريرن جي ترجمن سان ٿي. انهن ڏينهن جو ذڪر ڪندي، 8 نومبر 2009 جي ”ڪاوش“ اخبار ۾ پنهنجي مضمون ۾ لکيو اٿس ته:

”گوبند مالهي ۽ گوبند پنجابي هڪ رسالو ڪڍي رهيا هئا، جيڪو ترقي پسند ادب جي پيڙهه جو پٿر هو. گوبند مالهيءَ منجهس خواجه احمد عباس، قرت العين حيدر، سعادت حسن منٽو، ڪرشن چندر ۽ ٻين جون لکڻيون، ترجمو ڪري پئي شايع ڪيون. مون منجهس آڪيري جو ٽٽڻ ڪهاڻي پنهنجي نالي سان وڌي“.

سُئيسَڳي ڪي سيريندي آهي. ترجمو ٿيل ڪهاڻين جا مجموعا نڪتا، ته گوبند مالهيءَ ۽ سندس ساٿين فيصلو ڪيو ته

”اصلوڪين سنڌي ڪهاڻين جو مجموعو ڇپائجي.“ ٻين اکرن ۾ ائين چئجي ته سنڌي ترقي پسند ادب ۾ اصلوڪين تحريرن جو آغاز ائين ٿيو.

محترم جناب غلام رباني آگرو

سنڌي ادب تي ترقي پسند تحريڪ جو اثر

سنڌي ادبي بورڊ

تان ورتل